# فيضانِ

# حضرت جنيد بغدادي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه

16-February-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

16 فيبروري، 2023 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ حضرت جنيد بغدادي

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿... 40 سال دل جي حفاظت ڪندا رهيا

✿... جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شيطان سان ملاقات

✿... اڪيون ڪيئن نيڪ ٿي ويون...؟

✿... مال جي محبت ڪان آزاد.....!

✿... نمازِ تهجّد خوب فائدو پهچايو

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پُرنور چهري تي خوشيءَ جا آثار هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو جيڪو اُمّتي اوهان تي هڪ ڀيرو دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گناهه مِٽائيندس، 10 درجات بُلند فرمائيندس ۽ اوتري ئي رحمت موڪليندُس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: اهو پيارو آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪو هر بي خبر جي خبر رکڻ وارو آهي، انهن تي دُرود ۽ سلامَ هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] مُسْنَد اَحمد، جلد:5، صفحه:509، حديث:16352.

[2] حدائقِ بخشش، صفحه:209.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪافر ڪلمو پڙهي ڪري مُسلمان ٿي ويو

يَمن جي رهاڪو هڪ ڪافرَ، ڪٿان کان آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هي حديثِ پاڪ ٻُڌي ورتي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللهِ يعني مسلمان جي فراست کان ڊڄو جو بيشڪ اهو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي.[2]

ان ڪافر کي شوق ٿيو ته هن ڳالهه کي آزمائي، جيئن ته ان اسلامي لباس پاتو، عمامو ٻڌو ۽ پورو مسلمانن وارو حُليو اپنائي ڪري هڪ هڪ ڪري مختلف مَشائخِ ڪرام (يعني وڏن عُلماءِ ۽ اولياءِ ڪرام) جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ لڳو، جنهن جي به خدمت ۾ پهچندو هو، ان کا انهيءَ حديث شريف جو مطلب پڇندو هو ته رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مومن جي فراست کان بچو جو اهو الله جي نور سان ڏسندو آهي، هن حديث شريف جو مطلب ڇا

[1] … مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔
[2] ترمذی، کتَاب التفسير القرآن ،باب و من سورة الحجر،صفحه:723 ،حديث:3127۔

آهي؟ اهو عالِم سڳورو يا وليُ الله حديث شريف جي معنٰي ٻڌائيندو هو. ائين کندي کندي هڪ ڏينهن اهو ڪافر سيّدُالطائفہ (يعني ولين جي سردار) حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو، مجلس لڳل هئي، حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمائي رهيا هئا، ان بيان جي دوران ئي پڇيو: سائين! رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو آهي تہ اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّه يَنْظُرُ بِنُوْرِ الله (مومن جي فراست کان بچو جو بيشڪ اهو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي) هن حديثِ پاڪ جو مطلب ڇا آهي؟

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مومناڻي فراست سان ڪيس سڃاڻي ورتو ۽ فرمايائون: **هن حديث جو مطلب هي آهي تہ تون ڪُفر ڇڏي ڪري اسلام ۾ داخل ٿي وڃ. بَس ايترو ٻڌڻو هو جو اهو بي قرار ٿي ويو ۽ فوراً ڪلمو پڙهي ڪري اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويو.**[1]

عارِف باالله (يعني الله پاڪ جي معرفت رکڻ وارو عظيم ڪامل ولي) مشهور عاشقِ رسول حضرت عبدُ الرحمٰن جامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: ان واقعي ۾ حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون 2 ڪرامتون آهن: (1): هڪ هيءَ تہ اهو شخص هو تہ ڪافر پر اسلامي حُليي ۾ آيو هو پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نورِ فراست سان ڪيس سڃاڻي ورتو تہ هي مسلمان نہ آهي بلڪ ڪافر آهي (2): ٻي ڪرامت هي تہ پاڻ پنهنجي نگاهِ ولايت سان ڄاڻي ورتو تہ هن ڪافر جي اسلام قبول ڪرڻ جو هيءُ ئي وقت آهي.[2]

ڪجهہ روايتن ۾ آهي: ان نَو مُسلم اسلام قبول ڪرڻ کان بعد حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو: مان هيترن مشائخن وٽ ويس پر

---

[1] تذكرة الاولياء،نيمۂ دوم،ذكر جنيد بغدادى،صفحہ:10۔
[2] نَفْحَاتُ الْاُنْس،ابو القاسم الجنيد البغدادى،صفحہ:260۔

ڪنهن بہ نہ سڃاتو تہ مان مُسلمان جي وِيسَ ۾ ڪافر آهيان، اوهان سڃاڻي ورتو. حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **انهن سيني بہ توکي سڃاڻي ورتو هو پر سڀ ڄاڻيندا هئا تہ تنهنجو ايمان آٽڻ منهنجي هٿ تي لکيل آهي.**[1]

## حديثِ پاڪ جي شرح

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی | بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرامت واري حڪايت ۾ هڪ حديث پاڪ بيان ٿي، صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ الله يعني مومن جي فراست کان بچو جو بيشڪ اهو اللہ پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي.[2]

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ علاّمہ عبدُالرؤف مَناوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي مدني گُلَ ڏنا آهن، انهن جو خلاصو هي آهي تہ هن حديثِ پاڪ ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪامل ايمان وارو مومن (مثال طور وليُ الله) اللہ پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي، ان جو مطلب هيءُ آهي تہ اهو دل جي اک سان ڏسندو آهي جيڪا اللہ پاڪ جي عطا ڪيل نور سان روشن ٿيندي آهي، ان نور جي ذريعي دل روشن ٿي ڪري آئيني جيان ٿي ويندي آهي، پوءِ ان جي سامهون جيڪو ڪجهہ ايندو آهي، ائين ئي واضح ٿيندو آهي، جيئن آئيني جي سامهون سڀ ڪجهہ صاف نظر ايندو آهي.[3]

پوءِ هن حديث پاڪ ۾ اهڙي ڪامل مومن جي فراست(يعني دانائي) کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو، ان جو مطلب هيءُ آهي تہ ڪامل ايمان وارو مومن (مثال طور

---

[1] ملفوظات اعلیٰ حضرت ،صفحہ:156 خلاصۃً۔
[2] ترمذی، کتاب التفسیر القرآن ،باب و من سورۃ الحجر،صفحہ:723 ،حدیث:3127۔
[3] فیض القدیر،جلد:1 ،صفحہ:186 ،تحت الحدیث:151۔

اولياءِ ڪرام جي سامهون گناهہ ڪان بچو، انهن جي سامهون دليون سنڀالي رکو! باطني گناهن(مثال طور حسد، بدگماني وغيره)ڪان بہ بچو ۽ ظاهري گناهن ڪان بہ بچو نہ تہ هي ڪامل ايمان وارا پنهنجي ايمان جي نور سان توهان جي گناهن کي ڄاڻي وٺندا ۽ ٿي سگهي تہ توهان کي انهن جي سامهون شرمنده ٿيڻو پئجي وڃي.[1]

## مومن واري فراست ڪيئن ملي...؟

علّامہ عبدُالرَّؤف مَناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ٻانهو جهڙو عمل ڪندو آهي، جزا بہ اهڙي ئي ماڻيندو آهي، لهٰذا هي مُؤمنن واري فراست جنهن جو ذڪر حديث پاڪ ۾ ٿيو: جيڪو هيءَ فراست حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ ❁ پنهنجي نگاهن کي جهڪائي رکي ❁ بدنگاهي (مثال طور غير محرمن تي نظر وجهڻ، فلمون ڊراما وغيره ڏسڻ) ڪان بچي ❁پاڻ کي نفساني خواهشن ڪان بچائي ❁ دل ۾ هميشہ هي خيال رکي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي ❁ ۽ صرف ۽ صرف حلال ڪائي، حرام ڪان هر وقت بچندو رهي، انهن نيڪ اعمال جي برڪت سان ان جي دل روشن ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ ان کي بہ مومنن واري فراست نصيب ٿي ويندي.[2]

آقا کی حیا سے جُھکی رہتی نظر اکثر
آنکھوں پہ مِرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
گر دیکھے گا فلمیں تو قِیامت میں پھنسے گا
آنکھوں پہ مِرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
آنکھوں میں سرِ حَشْر نہ بھر جائے کہیں آگ
آنکھوں پہ مِرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
بولوں نہ فُضول اور رہیں نیچی نگاہیں
آنکھوں کا زَباں کا دے خدا قفلِ مدینہ[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] فيض القدير،جلد:1، صفحه:185، تحت الحديث:151۔
[2] فيض القدير،جلد:1، صفحه:186، تحت الحديث:151۔
[3] وسائلِ بخشش،صفحه:94- 95۔

# حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ عطّاريہ جا يارهان (11) بزرگ آهن. سندن نالو مبارڪ: جُنيد، ڪنيت: ابوالقاسم ۽ سيّدُ الطائفہ، لِسانُ القوم، طائوسُ العُلما مشهور لقبَ آهن. حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت مبارڪ تقريباً 218 هجري تي بغداد شريف ۾ ٿي.[1] حضرت ابو عبّاس عطّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اِمَامُنَافِی هَذَا الۡعِلۡمِ وَ مَرۡجِعُنَا الۡمُقۡتَدیٰ بِهِ الۡجُنَيۡد يعني علمِ تصوف ۾ اسان جا امام ۽ پيشوا حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه آهن.[2] حضرت ابو جعفر حَدّاد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: جيڪڏهن عقل مرد هجي ها تہ حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صورت ۾ هجي ها.[3] حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو وصال شريف 27 رجبُ المُرجب 297 ھ يا 298ھ تي ٿيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزار بغداد شريف ۾ شونيزيہ جي علائقي ۾ واقع آهي.[4] اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزانو 400 نفلَ پڙهندا هئا

حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مشهور ڪامل ولي حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ڀاڻيجا بہ آهن ۽ ڪامل مُريد بہ آهن.[5] پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ننڍپڻ ئي کان پنهنجي ماما سائين حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بابرڪت صحبت حاصل هئي، جنهن

[1] تذکرۃ الاولیاء، ذکر جنید بغدادی، نیمۂ دوم،صفحہ:6۔
[2] نَفۡحَاتُ الۡاُنۡس ،ابو القاسم الجنید البغدادی،صفحہ:257۔
[3] نَفۡحَاتُ الۡاُنۡس ،ابو القاسم الجنید البغدادی،صفحہ:258۔
[4] شرح شجرہ قادریہ رضویہ عطاریہ ،صفحہ:74 ۔
[5] کَشۡفُ الۡمَحۡجُوب،صفحہ:193۔

جي برڪت سان شروع ڪان ئي نيڪ پرهيزگار، عبادت گذار هئا، حضرت جُنيد بَغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جا والد حضرت محمد بن جنيد رَحمَةُ اللهِ عَلَيه شيشي (آئيني) جو واپار ڪندا هئا، شروعات ۾ حضرت جُنيد بَغدادي رَحمَةُاللهِعَلَيه بہ اهو ئي ڪم ڪندا رهيا.

انهن ڏينهن ۾ سندن معمول مبارڪ هو تہ صبح جڏهن پنهنجي دڪان تي تشريف وٺي ويندا هئا تہ پردو ڏئي ڪري 400 رڪعتون نفل ادا فرمائيندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪهڙو نرالو انداز آهي، اللهُ پاڪ جا هي نيڪ ٻانها نهايت ئي باڪمال هوندا آهن، انهن جي هر ادا ئي نرالي هوندي آهي، واپار، ڪم ڪار، ملازمت وغيره هي اسان جون ضرورتون آهن پر افسوس! اسان ضرورتن ۾ ڦاسجي ڪري زندگي جي اصل مقصد کي وساري ڇڏيندا آهيون، اسان جي زندگيءَ جو اصل مقصد ڇا آهي؟ اللهُ پاڪ جي عبادت ڪرڻ، ربِّ ڪائنات جنهن اسان کي پيدا فرمايو: مِٽي مان جيئرو جاڳندو انسان بڻايو، قادر ۽ قيوم ربّ پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ(۵۶)

(سيپارو: 27، سورة ذاريات: آيت: 56)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ مون جنَ ۽ انسان ان لاءِ پيدا ڪيا تہ منهنجي عبادت ڪن.

ڪائڻ، پيئڻ، پائڻ، مال ۽ دولت وغيره هي سڀ اسان جي زندگي جون ضرورتون آهن، عبادت زندگي جو اصل مقصد آهي، هاڻي اسان ڪجھ دير جي لاءِ غور ڪيون: اسان زندگي جي ضرورتن کي ڪيترو وقت ڏيون ٿا ۽ زندگيءَ جي مقصد يعني عبادت جي لاءِ ڪيترو وقت ڪڍون ٿا؟ پنهنجي 24 ڪلاڪن جو جائزو وٺون. شايد اسان جي زندگيءَ جو اڪثر حصو ضرورتن جي پٺيان ڊوڙندي گذري رهيو آهي، افسوس! دڪانداري، ملازمت ۽ ڪاروبار جي چڪر

[1] شرح شجرة قادريہ رضويہ عطاريہ، صفحہ:73 بتغير قليل ـ

۾ نمازون تہ قضا ڪيون ويندڙيون آهن پر مقصدِ حيات (مثلاً نماز) جي لاءِ ڪاروبار جي قرباني ٿورا ئي ماڻهو ڏيندا آهن. هاءِ! اسان جو واپار، ڪاروبار، ملازمت وغيره اسان کي الله پاڪ جي ذڪر، ان جي ياد ۽ عبادت کان غافل ڪري ڇڏيندي آهي، ڪاش! ائين نہ ٿي...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ اسان کي حڪم ڏئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝۹

(سيپارو: 28، سورة منافقون: آيت: 9)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي الله جي ذڪر کان غافل نہ ڪري ڇڏين ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ اهي ئي ماڻهو نقصان کڻڻ وارا آهن.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: (يعني) اي ايمان وارؤ! منافقن وانگر توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي الله پاڪ جي ذڪر کان غافل نہ ڪري ڇڏي ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ دنيا ۾ مشغول ٿي ڪري دين کي وساري ڇڏيندو، مال جي محبت ۾ پنهنجي حال جي پرواهہ نہ ڪندو ۽ پنهنجي اولاد جي خوشي جي لاءِ آخرت جي راحت کان غافل رهندو تہ اهڙا ماڻهو ئي نقصان کڻڻ وارا آهن.[1]

اَللّٰهُ اَكْبَر! ڪهڙي عبرت جي ڳالهہ آهي ❁ اڄ ماڻهو لکين روپيہ ڪمائن ٿا، پوءِ بہ پوري نہ ٿي ٿين❁ گهرن ۾ جهيڙا جهڳڙا آهن ❁ دليون بي چين آهن ❁ ڪٿي مهانگائي جو روئڻ ❁ ڪٿي پريشانيون ❁ ڪڏهن آفتون، معاشري ۾ هڪ عجيب بي چيني نظر اچي ٿي، آخر ان جو ڇا سبب آهي؟ روزيءَ ۾ برڪت چو

---

[1] تفسير صراط الجنان،پاره:28 ،سورۀ منافقون،زيرِ آيت:9 ،جلد:10 ،صفحہ:171۔

نہ رهي؟ هڪ پريشاني مان نڪرون ٿا تہ ٻي پريشاني سامهون بيٺي هوندي آهي، آخر سبب ڪهڙو آهي؟ الله پاڪ جو پاڪيزه ڪلام، قرآنِ ڪريم صاف صاف ٻڌائي رهيو آهي:

| | |
|---|---|
| وَمَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ۝ (سيپارو: 28، سورة منافقون: آيت: 9) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ اهي ئي ماڻهو نقصان کٽڻ وارا آهن. |

جيڪو مال جي محبت ۾ اچي ڪري، ڪاروبار سبب، ملازمت سبب الله پاڪ جي ياد کان غافل ٿي وڃي، اهو نقصان کٽڻ وارو آهي، هيءُ اصل سبب آهي ۞ صبح جو اٿي ڪري ڪم تي تہ پهچي ويندا آهيون پر فجر جي لاءِ اک ناهي کُلندي ۞ گِراهڪَ جي لالچ ۾ جماعت نڪري ويندي آهي نمازون قضا ٿي وينديون آهن ۞ مال جي لالچ ۾ ٺڳي ڪئي ويندي آهي ۞ ماپَ تور ۾ ٺڳي ڪئي ويندي آهي، هڪ ڏينهن مرڻو آهي، سڀ ڪجھ هتي ڇڏي ڪري قبر ۾ لهڻو آهي، قيامت جي ڏينهن اٿڻو آهي، بارگاهِ الهي ۾ پيش ٿي ڪري حساب ڏيڻو آهي، هي سڀ ڪجھ ياد ئي ناهي رهندو، بَس غفلت! لالچ، مال جي محبت، راتون رات اَمير ٿيڻ جي خواهش آهي ۽ اسان انهيءَ خواهش ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون،

| | |
|---|---|
| صبح ہوتی ہے، شام ہوتی ہے | عمر یونہی تمام ہوتی ہے [1] |

هي اصل سبب آهي، ان ڪري روزيءَ ۾ خيرو برڪت ناهي هوندي، پريشانيون، آفتون، مصيبتون جان ناهن ڇڏينديون، ڪاش! اسان کي ڪامل ولي حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو صدقو نصيب ٿي وڃي! پاڻ دڪان تي وڃي ڪري، دڪان کولي ڪري پردو ڏيندا ۽ 400 نفلَ ادا ڪندا هئا، هلو! اسان 400

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:495۔

نفلَ پڙھڻ جي همت نہ ٿا رکون، دڪان تي وڃي ڪري 2 نفل ئي پڙھي وٺندا ڪيون، هٿ ۾ تسبيح رکون، دڪان تي ويهون، ملازمت ڪندي، ڪم ڪار ڪندي جڏھن جڏھن موقعو ملي ذڪرُالله ڪندا ڪيون، دُرود شريف پڙھندا ڪيون، جيڪڏھن ائين ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مال ۽ دولت جي لالچ کان بچي سگھنداسين، دنيا بہ چڱي ٿيندي، روزيءَ ۾ بہ برڪت ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ آخرت بہ سنورجي ويندي.

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں | پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی!
میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ | کروں تیری حمد و ثنا یاالٰہی![1]

## 40 سال دل جي حفاظت ڪندا رهيا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شيشي جو ڪاروبار ڪندا رهيا، دڪان تي وڃي ڪري 400 نفل ادا ڪندا هئا، هڪ عرصي تائين سندن اهو ئي معمول رهيو، پوءِ دڪان ڇڏي ڏنائون ۽ پنهنجي ڪامل پير حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ويا، پاڻ هڪ ڪوٺڙيءَ کي پنهنجو مستقل ٺڪاڻو بڻايو ۽ دل جي نگهباني شروع ڪري ڇڏي، مراقبي جي حالت ۾ سندن ڪيفيت اهڙي ٿي ويندي هئي جو هيٺ وڇايل مصلو بہ ڪڍي ڇڏيندا هئا تہ جيئن سندن دل ۾ الله ۽ رسول کانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو خيال نہ گذري. ان خلوت ۽ اڪيلائي ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال گذاريا، 30 سالن تائين سندن معمول رهيو تہ عشاء جي نماز کان بعد بيهي ڪري صبح تائين الله، الله چوندا رهندا هئا ۽ انهيءَ وضو سان نمازِ فجر ادا فرمائيندا هئا. پاڻ ئي فرمائن ٿا: 20 سالن تائين تڪبيرِ اولٰي مون کان فوت نہ ٿي ۽ نماز ۾ جيڪڏھن دنيا جو خيال اچي

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

ويندو هو تہ مان اها نماز ٻيهر ادا ڪندو هيس.[1]

ميں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
ميں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر | ہوں سارے نوافِل ادا یاالٰہی![2]

اي عاشقانِ رسول! ٻڌو توهان! حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پابندي سان تڪبيرِ اولٰي سان نماز ادا فرمائيندا هئا، نمازِ باجماعت جي پهرين تڪبير جڏهن الله اڪبر چئي ڪري هٿ ٻَڌندا آهيون، ان کي تڪبيرِ اولٰي چيو ويندو آهي. ڪاش! اسان بہ تڪبيرِ اولٰي سان باجماعت نماز پڙهڻ جي عادت اپنايو. عاشقِ اولياء، شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن پُرفتن دور ۾ نيڪ بڻجڻ جو آسان نسخو ڏنو آهي يعني 72 نيڪ اعمال، ان ۾ نيڪ عمل نمبر: 2 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان پنج ئي نمازون جماعت سان ادا ڪيون؟ (ڪاش! پهرين صف تڪبيرِ اولٰي سان گڏ نماز پڙهڻ وارا بڻجي وڃون)

## تڪبيرِ اولٰي ماڻڻ جا فضائل

(1): حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ 40 ڏينهن باجماعت تڪبيرِ اولٰي سان نماز پڙهندو ان جي لاءِ 2 آزاديون لکيون وينديون، هڪ جهنّم کان ٻي نفاق کان.[3] (2): حضرت ابنِ عُمر رَضِيَ اللهُ عَنْه کان مروي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهو جو امام سان گڏ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ نماز

---

[1] تذکرۃ الاولیاء، ذکر جنید بغدادی، نیمۂ دوم،صفحہ:7۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔
[3] ترمذی،ابواب الصلاۃ،باب ما جاء فی فضل التکبیرۃ الاولی،صفحہ:78 ،حدیث:241۔

پڙهڻ هڪ هزار 1000 اُٺَ راهِ خُدا ۾ صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

میں پانچوں نمازیں پڑھوں با جماعت | ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی![2]

## نفل روزا رکندا هئا

تذڪرةُ الاوليا ۾ آهي: حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صائمُ الدّهر هئا يعني سڄو سال نفلي روزا رکندا هئا، باقي کو مهمان اچي ويندو هو ته روزو نه رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: مسلمان ڀائرن جي مُوافَقت به روزي کان گهٽ ناهي (يعني مهمان جي مهمان نوازي جي لاءِ روزو ڇڏي ڪري، ان سان گڏ کاڌو کائيندُس، ان سان مهمان جي دل خوش ٿيندي ۽ مهمان جي دل خوش ڪرڻ به وڏي عبادت آهي).[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن نفلي روزا رکندا هئا، الحمد لله! ماهِ رجبُ المُرجب جاري آهي، شعبانُ المُعظم جي آمد آمد آهي، هي ڇڻ نفلي روزن جي موسمِ بهار آهي، هنن مهينن ۾ خصوصيت سان نفلي روزن جا فضائل آهن:

## هڪ جنّتي نهر جو نالو: رجب آهي

جنّتي صحابي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنّت ۾ هڪ نهر آهي، جنهن کي رجب چيو وڃي ٿو، ان نهر جو پاڻي کيرَ کان وڌيڪ اڇو ۽ ماکيءَ کان وڌيڪ مِٺو آهي، جيڪو رجب شريف جو هڪ روزو رکي، الله پاڪ ان کي ان نهر مان

[1] مسند فردوس،جلد:2، صفحه:76 ،حديث:2424۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحه:102۔
[3] تذكرة الاولياء، ذكر جنيد بغدادی، نيمۂ دوم،صفحه:10۔

سيراب ڪندو.[1]

## رجب جو روزو گناهن جو ڪفارو آهي

سُلطانُ المُفسرين، حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، بي چين دلين جي چين، نبيءِ حَرَمَين صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو 3 سالن جو ڪفارو آهي، ٻئي ڏينهن جو روزو 2 سالن جو ۽ ٽئين ڏينهن جو روزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي (يعني رجب شريف جا هي روزا گناهِ صَغيره جي معافي جو ذريعو بڻجي ويندا آهن).[2]

## شعبان جي روزن جا فضائل

(1): حضرت انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو ته رمضان کان پوءِ ڪهڙو روزو افضل آهي؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جو پوءِ عرض ڪيو ويو: ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ فرمايائون: رمضان جي مهيني ۾ صدقو ڪرڻ.[3] (2): حضرت اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مان اوهان کي شعبان جا روزا رکندي ڏسندو آهيان ته اوهان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪنهن به مهيني ۾ هن طرح روزا ناهيو رکندا. فرمايائون: رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافل آهن. هن ۾ ماڻهن جا اعمال الله پاڪ جي بارگاهه جي طرف کنيا ويندا آهن ۽ مون کي هي محبوب آهي ته منهنجو عمل

---

[1] شُعَبُ الايمان، باب فی الصِّيَام، جلد:3، صفحہ:368، حديث:3800۔
[2] جامع صغير، صفحہ:311-312، حديث:5051۔
[3] ترمذی،کتاب الزکاۃ ،باب ما جاء فی فضل الصدقہ،صفحہ:189،حديث:663۔

هن حال ۾ ڪنيو وڃي جو مان روزيدار هجان.[1]

## صحت به ملي، اَجر به

اي عاشقانِ رسول! روزو تمام نفعي بخش نيڪي آهي، روزو رکڻ سان آخرت جو ثواب به ملندو آهي، ان سان گڏوگڏ دنياوي فائدا پڻ حاصل ٿيندا آهن. مسلمانن جو چو ٿون خليفو شيرِ خُدا حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائي ٿو: مون الله پاڪ جي نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته بيشڪ الله پاڪ بني اسرائيل جي نبين مان هڪ نبي عَلَیْہِ السَّلام جي طرف وحي فرمائي: اي نبي عَلَیْہِ السَّلام! پنهنجي قوم کي ٻڌائي ڇڏيو ته بيشڪ جيڪو ٻانهو منهنجي رضا جي لاءِ هڪ ڏينهن جو روزو رکندو آهي، مان ان جي جسم کي صحت ڏيندو ۽ ان جو اجر وڌائي ڇڏيندو آهيان.[2]

ڪيا ہماری نماز، کیا روزہ | بخش دینے کے سو بہانے ہیں

## روزو رکو! صحت ماڻيو...!

مُعجمِ اوسط ۾ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: صُوْمُوْا تَصِحُّوْا روزا رکو! صحت مند ٿي ويندؤ وَسَافِرُوْا تَسْتَغْنُوْا ۽ سفر ڪندا ڪيو غني (يعني مالدار) ٿي ويندؤ.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه روزو صحت مند زندگي جو ضامن آهي، روزو رکڻ سان جسماني صحت به ملندي آهي ۽ جسماني تندرستي به نصيب ٿيندي آهي، روزو ظاهري عضون ۾ به نکار پيدا ڪندو آهي ۽ دل مان گناهن جي

[1] نسائی،کتاب الصیام،باب صوم النبی...الخ ،صفحہ:387 ،حدیث:2354۔
[2] شُعَبُ الایمان، باب فی الصِّیام، جلد:3، صفحہ:412، حدیث:3923۔
[3] معجم اوسط، جلد:6، صفحہ:147، حدیث:8312۔

ميراڻ ڏوئي ڪري اسان جي دل کي صاف ستھرو ۽ روشن بہ بڻائي ڇڏيندو آھي. اللّٰہ پاڪ اسان سڀني کي خوب روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

| | |
|---|---|
| عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگادے دِل | رجب کا واسطہ دیتاہوں، فرمادے کرم مولیٰ |
| نہیں درکار وہ خوشیاں، جو غفلت کا بنیں ساماں | عطا کر اپنی الفت، اپنے پیارے کا تُو غم مولیٰ [1] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غيبت کان بچو!

علاّمہ عبدُ اللّٰہ بن اَسعد يافعي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: ھڪ ڀيري حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه مسجدِ شونيزيہ ۾ ويٺا ھئا، پاڻ اتي ھڪ فقير کي ڏٺائون جنھن جي چھري تي عبادت ۽ رياضت جا آثار ظاھر ھئا. اھو ماڻھن کان سوال ڪري رھيو ھو. حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه دل ۾ سوچيو: جيڪڏھن ھي ڪو ڪم ڪري ھا ۽ سوال جي آفت کان بچي وڃي ھا تہ بھتر ھو.

انھيءَ رات پاڻ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه تي رات جا معمولات (يعني نفل ۽ وظائف وغيره) ڏکيا ٿي ويا، ڪنھن ڪم ۾ سندن دل نہ لڳي رھي ھئي، پاڻ ائين جاڳندا رھيا، آخر ڪار ننڊ غالب اچي وئي ۽ پاڻ سمھي رھيا، پاڻ خواب ۾ ڏٺائون تہ ان فقير کي آندو ويو آھي ۽ ھڪ دسترخوان تي رکي ڪري چيو ويو: ھن جو گوشت کاءُ! ڇو تہ تو ھن جي غيبت ڪئي آھي. پاڻ چيائون: مون ھن جي غيبت تہ ناھي ڪئي، ھا! ھن جي مُتعلق دل ۾ ڪجھ اھڙو سوچيو ھو. جواب مليو: اي جنيد! تون انھن ماڻھن مان نہ آھين جو جن کان اسان معمولي ڪوتاھي بہ برداشت ڪيون. وڃو! ھن ٻانھي کان معافي گھرو...!!

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:98 و 99۔

صبح جو پاڻ ان فقير جي ڳولا ۾ نڪتا، اهو دريا جي ڪناري تي هو، پاڻ ان کي سلام ڪيائون، اهو فقير بہ ڪو وڏو پهتل هو، ان ڏسندي ئي چيو: اي جنيد! وري ائين ڪندؤ؟ پاڻ چيائون: نہ. ان تي فقير چيو: الله توکي ۽ مون کي معاف فرمائي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو: هڪ مسلمان جي باري ۾ دل ۾ معمولي منفي ڳالهہ سوچڻ جو ڪيترو اثر ٿيو، يقيناً اهو فقير نيڪ ماڻهو هوندو ۽ ڪنهن شرعي مجبوري جي تحت ئي ماڻهن کان سوال ڪري رهيو هوندو، حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دل ۾ ان جي باري ۾ هڪ منفي خيال آيو تہ ان جي سبب پاڻ رات جي عبادت کان محروم ڪيا ويا.

افسوس! اسان جا حال تہ بلڪل بي حال آهن، اسان وٽ صرف دل ۾ سوچڻ جي تہ ڳالهہ ئي نہ آهي، ماڻهو سري عام غيبتون ڪندا آهن، چغليون هڻندا آهن، دل ۾ بدگمانيون پيدا ڪندا آهن ۽ ٻين جون عزّتون خراب ڪندا آهن، ياد رکو! غيبت، چغلي، بدگماني سخت حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن، انهن کان بچڻ لازم آهي، ٻين جي باري ۾ دل ۾ بُرا خيال آڻڻ کان بہ بچڻ ئي بهتر آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾<br>(سيپارو: 19، سورة شعراء: آيت: 89) | ترجمو ڪنز العرفان: پر اهو جيڪو الله جي بارگاهہ ۾ سلامت دل سان حاضر ٿيندو. |

قلبِ سليم يعني پاڪ صاف دل. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سوال ٿيو: قلبِ سليم ڇا کي چوندا آهن؟ فرمايائون:

[1] روض الرياحين،الحكاية الثامنة والعشرون بعد المائة،صفحہ:139خلاصةً۔

اهڙي صاف (دل) جنهن ۾ نه گناهه هجي، نه بغاوت، نه ڪينو ۽ نه حسد.[1]

## افضل عمل

حضرت عبدُ الله ابنِ عَمرو رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو ته ماڻهن ۾ ڪير افضل آهي؟ فرمايائون: هر سلامت دل وارو، سچي زبان وارو. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم عرض ڪيو ته سچي زبان واري کي ته اسان سڃاڻون ٿا ته سلامت دل واري مان ڇا مُراد آهي؟ فرمايائون: اهڙي صاف (دل) جنهن ۾ نه گناهه هجي، نه بغاوت، نه ڪينو ۽ نه حسد.[2]

## حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي شيطان سان ملاقات

حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجي دل ۾ ابليس کي ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي، هڪ ڏينهن مان مسجد جي دروازي وٽ موجود هيس، مون کي پري کان هڪ پوڙهو نظر آيو، ان کي ڏسندي ئي مون پنهنجي دل ۾ وحشت محسوس ڪئي، جڏهن اهو منهنجي ويجهو آيو ته مون پڇيو: تون ڪير آهين؟ چيائين: اهو ئي جنهن کي ڏسڻ جي اوهان خواهش ڪئي هئي، مان سمجهي ويس ته هي ابليس آهي، مون ان کي دڙڪا ڏيندي چيو: اي خبيث! توکي حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو؟ ابليس چيو: اي جنيد! اوهان ڇا ٿا چاهيو مان غيرِ خُدا کي سجدو ڪيان ها. حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ابليس جي هيءَ ڳالهه ٻڌي ڪري مان حيران ٿي ويس، ويجهو ئي هو جو ان جي ڳالهه منهنجي دل تي اثر ڪري وڃي ها، انهيءَ وقت مون کي الهام ٿيو (يعني منهنجي دل ۾ هيءَ ڳالهه وڌي وئي) ته اي جنيد! ان کي چئي ڇڏ! كَذَبْتَ لَوْ كُنْتَ عَبْدًا مَامُوْرًا مَا خَرَجْتَ عَنْ اَمْرِهٖ يعني اي خبيث! تون ڪوڙو

[1] ابنِ ماجه، كتاب الزهد،باب الورع و التقوی، صفحه:684، حديث:4216۔
[2] ابنِ ماجه، كتاب الزهد،باب الورع و التقوی، صفحه:684، حديث:4216۔

آهين، جيڪڏهن تون واقعي پنهنجي مالڪ (يعني الله ڪريم) جو ٻانهو هجي ها ته هرگز ان حڪم جي نافرماني نه ڪري ها. شيطان سندن دل جي ڳالهه ڄاڻي ويو ۽ فوراً ئي اتان ڀڄي ويو.

## واقعي مان ملڻ وارا 3 سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن سبق آموز واقعي مان اسان کي 3 ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون: (1): اولياءِ ڪرام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وڏو مقام رکندا آهن، الله پاڪ انهن کي شيطان خبيث جي حملن کان محفوظ فرمائيندو آهي، قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ عِبَادِیْ لَیْسَ لَكَ عَلَیْهِمْ سُلْطٰنٌ<br>(سيپارو: 14، سورة حجر: آيت: 42) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ منهنجي ٻانهن تي تنهنجو ڪو زور نه هلندو. |

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو: اولياءِ ڪرام شيطاني حملن کان محفوظ آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي ته هميشه اولياءِ ڪرام جي ڇانوَ ۾ رهون، انهن سان محبت ڪيون، جيستائين ٿي سگهي، انهن جي صحبت حاصل ڪيون جو هي پاڻ شيطان کان محفوظ آهن، انهن جي صدقي اسان به شيطاني چالن کان محفوظ ٿي ويندا سين.

(2): ٻي ڳالهه جيڪا هن واقعي مان معلوم ٿي، اها هي ته شيطان خبيث ڪي ڪڏهن ڏسڻ جي خواهش نه ڪرڻ گهرجي، هي بدبخت وڏو خبيث آهي، اهڙو ڄار وڇائيندو آهي جو علم، عقل، سڀ بيڪار ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهو ان جي ڄار ۾ ڦاسي ڪري تباهه ٿي ويندو آهي، ڏسو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جهڙو عظيم ترين عالِمِ دين به ان جي ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويو، پاڻ ته ڪامل ولي هئا، ڪين الهام جي ذريعي ان خبيث جي چال کان بچايو ويو، نه ته اسان

جهڙا ان جي چار ۾ ڦاسي ڪري تباهه ٿي ٿي ويندا، لهٰذا اسان کي گھرجي تہ بَس الله پاڪ جا فرمانبردار ٻانها بڻجون، شيطان کان بچي ڪري ئي رهون. حضرت رابعہ بصريہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا جي خدمت ۾ هڪ ڀيري سوال ٿيو: اوهان شيطان جي باري ۾ ڇا ٿيون فرمايو؟ فرمايائون: مان رحمٰن سان محبت ڪندي آهيان، ان جي ياد کان فرصت مِلي تہ شيطان جي باري ۾ سوچان (نہ رحمٰن جي ياد کان فرصت ملندي آهي نہ شيطان جي باري ۾ سوچيندي آهيان).

بَس! شيطان کان بچڻ جو هي بهترين طريقو آهي، انهن جي طرف توجهه ئي نہ ڪئي وڃي. الله پاڪ اسان کي ان بدبخت لعين کان محفوظ فرمائي.

نفس و شیطان ہوگئے غالِب | ان کے چُنگل سے تُو چھڑا یا ربّ![1]

(3): ٽيون مدني گُل جيڪو واقعي مان اسان کي سکڻ جي لاءِ مليو، اهو هي تہ ٻانهو اهو آهي جيڪو پنهنجي مالڪِ ڪريم جي فرمانبرداري ڪري، ڏسو! شيطان بدبخت پنهنجي عقل جا گھوڙا ڊوڙايا، ربِّ ڪريم حڪم فرمايو: آدم کي سجدو ڪيو، سڀني ملائڪن سجدو ڪيو پر شيطان خبيث چيو: مان آدم کان بهتر آهيان، مان غيرِ خُدا جي سامهون مٿو نہ جهڪائيندس، ان عقل ڊوڙايو، مالڪِ ڪريم جو حڪم ڪوڙو ڪيائين تہ نامُراد ٿي ويو، ان ڪري اسان کي گھرجي تہ اسان الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا احڪامَ اکيون بند ڪري مڃون، عقل جا گھوڙا نہ ڊوڙايون. الله پاڪ اسان کي حقيقي بندگي نصيب فرمائي،

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

[1] وسائلِ بخشش،صفحہ:79۔

## بيان ڪرڻ ڪيئن شروع فرمايو...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام وڏا عالمِ دين هئا، ماڻهو سندن خدمت ۾ عرض ڪندا هئا: اي جنيد! اوهان اسان کي وعظ و نصيحت ڪندا ڪيو! پاڻ فرمائن ٿا: پنهنجي ڪامل پير حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هوندي مان واعظ و نصيحت نہ تو ڪري سگهان. پوءِ هڪ ڏينهن حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ کين وعظ و نصيحت ڪرڻ (يعني درس ۽ بيان) جو حڪم فرمايو: ان تي بہ پاڻ عرض ڪيائون: سائين! اوهان جي هوندي مان وعظ ڪيان، مون کي سُٺو نہ ٿو لڳي.

انهيءَ رات جڏهن پاڻ سُتا تہ قسمت جاڳي پئي، نور وارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: جنيد! ماڻهن کي ڪجهہ ٻڌائيندا ڪيو! اوهان جي بيان جي ذريعي الله پاڪ هڪ عالَم کي نجات بخشيندو.

صبح جڏهن سجاڳ ٿيا تہ دل ۾ وسوسو آيو تہ شايد مان پنهنجي پير کان بہ وڏي رتبي وارو ٿي ويو آهيان جو مون کي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پاڻ بيان ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي، اجان انهيءَ خيال ۾ هئا تہ ڪامل پير حضرت سِرِي سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پيغام موڪليو: جنيد! بغداد وارن اوهان کي واعظ جو چيو: اوهان انڪار ڪري ڇڏيو، اسان چيو اوهان ڳالهہ نہ مڃي، هاڻي الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حڪم ڏنو آهي، هاڻي حڪم مڃيو!

هي پيغام ٻڌندي ئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دل مان وسوسو ختم ٿي ويو، پاڻ پنهنجي پير صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: سائين! اوهان کي ڪيئن خبر پئي تہ مون کي خواب ۾ رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

زيارت ٿي آهي؟ فرمايائون: مون کي رات خواب ۾ اللّٰه پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو، مون کي اللّٰه پاڪ هي خبر ارشاد فرمائي.

هي ٻڌي ڪري حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فوراً پنهنجي غلطي کان توبهه ڪئي ۽ عرض ڪيو: مان ڄاڻي ويس تہ اوهان جو درجو هر حال ۾ منهنجي درجي کان بُلند آهي، اوهان يقيناً منهنجي هر راز کان واقف آهيو پر مان اوهان جي منصب کان بي خبر آهيان.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان خبر پئي تہ اسان کي پير تي ڪنهن بہ قِسم جو اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي ڪنهن مقام ۽ مرتبي جي حصول تي هي بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سڀ منهنجي پير جي عطا آهي ڇوتہ جيڪي مُريد ڪنهن نعمت کي پنهنجي پير جي عطا ناهن سمجهندا اڪثر شيطان جي هٿان انهن جو انجام بُرو ٿيندو آهي، جيئن تہ

حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ مُريد اهو سمجهيو تہ مان ڪامل ٿي ويو آهيان ۽ هاڻي مون کي پير جي صحبت ۽ خدمت ۾ رهڻ جي ڪابہ حاجت ناهي رهي بلڪ منهنجي لاءِ اڪيلو رهڻ بهتر آهي. بَس اهو اڪيلو رهڻ لڳو. حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ڇڏي ڏنائين. هڪ رات ان ڏٺو تہ ڪجھ ماڻهو هڪ اُٺ ڪاهي آيا آهن ۽ کيس چئي رهيا آهن تہ اسان توکي وٺڻ آيا آهيون تہ جيئن اوهان هيءَ رات جنّت ۾ گذاريو، جيئن تہ اهي ماڻهو کيس اُٺ تي سوار ڪري وٺي ويا ايستائين جو هڪ اهڙي جڳھ تي پهتا جيڪا تمام خوبصورت هئي، اتان جي هر هر شيءِ مان حسن ٽمي رهيو هو، لذيذ کاڌن سان گڏوگڏ مِني پاڻيءَ جا چشما بہ وهي رهيا هئا. اهو صبح تائين اتان جا مَزا ماڻيندو رهيو ۽ جڏهن صبح ٿيو ان پاڻ کي پنهنجي حُجري ۾ لڌو. اهو سلسلو

[1] ڪَشْفُ الْمَحْجُوب،صفحہ:193 ۔

اهڙيءَ طرح ڪيئي ڏينهن تائين جاري رهيو جو ان کي هر رات ائين نظر ايندو هو جو ملائڪ کيس سواري تي ويهاري جنّت جو سير ڪرائيندا هئا ۽ طرح طرح جا ميوا کارائيندا هئا ايستائين جو اهو تڪبر ۽ غرور جو شڪار ٿي ويو ۽ هي دعوا ڪرڻ لڳو ته سندس حالت ان ڪمال تائين پهچي چُڪي آهي جو ان جون راتيون به جنّت ۾ گذرنديون آهن. ماڻهن ان جي خبر حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏني ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان وٽ تشريف ڪٽي ويا ته ڏٺائون اهو نهايت نٽ سان آڪڙجي وينو آهي. پاڻ ان کان ڪيفيت پڇي ته ان وڏي فخر سان پنهنجي بُلند مقام ۽ جنّت جي سير جو ذڪر ڪيو، جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اڄ جڏهن جنّت ۾ وڃين ته 3 ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم پڙهجان. ان چيو: تمام سُٺو! جيئن ته معمول مطابق جڏهن اهو جنّت ۾ پهتو ته ياد اچڻ تي صرف تجربي طور تي ان 3 ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم پڙهيو. ته ان کي وٺي ويندڙ سيئي ماڻهو رڙيون ڪري ڀڄي ويا ۽ اهو ڇا ٿو ڏسي ته جنّت هڪ گهڙي ۾ ان جي اکين کان غائب ٿي وئي آهي ۽ اهو ناپاڪي ۽ ڪچري واري ڍير تي وينو آهي ۽ ان جي چوڌاري مُردار هڏيون پيون آهن. انهيءَ وقت ان ڄاڻي ورتو ته هي شيطاني ڄار هو ۽ مان ان ڄار ۾ ڦاٿل هيس. فوراً توبهه ڪيائين ۽ پنهنجي پير ۽ مُرشد سيدُ الطائفه حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو.[1]

## حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون نصيحتون

### درويش کي صبر جي تلقين

هڪ ڀيري حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن درويش جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويا، ان وقت اهو بيماري جي سبب روئي رهيو هو، حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ان کي نصيحت ڪندي فرمايو: ڪنهن جي عطا ڪيل

[1] ڪَشْفُ الْمَحْجُوب ،مترجم، صفحه:500۔

تڪليف تي روئي رهيو آهين؟ ڪنهن کان ان جي شڪايت ڪرڻ چاهين ٿو: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هيءَ حڪمت ڀري ڳالهه ٻڌي ڪري اهو دَرويش چُپ ٿي ويو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي پياري نصيحت آهي..!! اسان کي بہ ان نصيحت تي عمل ڪرڻ گهرجي الله نہ ڪري، جيڪڏهن مُشڪل، پريشاني، تنگدستي بيماري اچي تہ روئڻ ۽ واويلا ڪرڻ جي بدران ٿورو هي غور فرمايو تہ هي مُشڪل، پريشاني وغيره ڪنهن جي حڪم سان آئي آهي؟ يقيناً اسان جو ايمان آهي: وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالٰی هر چڱي بُري تقدير الله پاڪ جي ئي طرف کان آهي.

يعني اهو ئي ربّ ڪريم، رَبّ رحمٰن ۽ رحيم جنهن اسان کي پاڻيءَ جي قطري مان خلقيو، ماءُ جي پيٽ ۾ بنا گهرڻ جي رزق عطا فرمايو، هٿ، پير، ڪن، نڪ، سڀ عضوا عطا فرمايا، هزارين نعمتون عطا فرمايون، ننڍپڻ کان وٺي اجان تائين لاڳيتو رزق عطا فرمائي رهيو آهي، هي مُشڪل، هي پريشاني انهيءَ ربّ رحمٰن جي حڪم سان آئي آهي، جڏهن ان جي عطا ڪيل آهي تہ روئڻ ۽ واويلا ڪرڻ ڪنهن ڳالهه جو.

جے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی | میں سُکھ نوں چلھے پاواں

وضاحت: يعني جيڪڏهن الله ڪريم جو اهو ئي حڪم آهي تہ مون کي ڏُک پهچي تہ مان ان جي رضا ۾ راضي آهيان، مون کي سُکَ جي ڪهڙي ضرورت آهي.

بلڪل حق تہ هي آهي تہ جيڪو الله پاڪ جي طرف کان آهي، اهو سُک ئي سُک آهي، ڏُک تہ آهي ئي نہ.

## درد جو احساس نہ ٿيو

حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جي مٿي تي سِرَ ڪري ۽ رت وهڻ لڳو پر پاڻ

[1] تذکرۃ الاولیاء،نیمۂ دوم،ذکر جنید بغدادی،صفحہ:12۔

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہا ان ڏي بلڪل بہ توجهه نہ ڪئي، ماڻهن پڇيو: ڇا اوهان کي تڪليف جو احساس نہ ٿيو؟ فرمايائون: سِرَ جو ڪِرڻ الله جي ارادي سان ٿيو، ان جو ارادو منهنجي طرف ٿيو، ان ڳالهه جي تصور مون کي درد جو تصور ٿيڻ ئي نہ ڏنو.[1]

## اکيون ڪيئن ٺيڪ ٿي ويون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي: هر مرض جي اثر ڪندڙ دوا ۽ هر مشڪل جو بهترين حل اهو ئي آهي تہ ٻانهو الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ٿي وڃي، جڏهن ٻانهو الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ٿي ويندو آهي تہ الله پاڪ ان کان راضي ٿي ويندو آهي ۽ جنهن کان الله پاڪ راضي ٿي وڃي، دنيا ۽ آخرت ۾ ان جا ٻيڙا پار ٿي ويندا آهن. هڪ ڀيري حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي اکين ۾ ڪجهه تڪليف ٿي، هڪ ڪافر طبيب پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي اکين جو معائنو ڪيو ۽ هدايت ڪئي تہ اکين کي پاڻي نہ لڳڻ ڏنو وڃي.

اکين کي پاڻي نہ لڳي، هي ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي، وضو ڪندا تہ اکين کي تہ پاڻي لڳندو ۽ هڪ ڪافر جي چوڻ تي وضو ڇڏڻ جي اجازت بہ ناهي، لهٰذا حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ ڪافر طبيب جي هدايت تي بلڪل توجهه نہ ڏنو، وضو ڪيو، نمازِ عشاء ادا فرمائي ۽ سمهي پيا، صبح جڏهن اٿيا تہ اکيون بلڪل ٺيڪ ٿي چڪيون هيون، ان وقت غيب مان آواز آيو: اي جنيد! تو عبادت جي لاءِ پنهنجي اکين جي پرواهه نہ ڪئي، لهٰذا اسان تنهنجي تڪليف دُور ڪري ڇڏي.

جڏهن ان ڪافر کي خبر ملي تہ سندن اکيون بلڪل ٺيڪ ٿي چڪيون آهن تہ ان حيران ٿي ڪري پڇيو: هڪ ئي رات ۾ اکيون ڪيئن ٺيڪ ٿي ويون؟

---

[1] الكوكب الدرية ،الطبقة الثانية ،حرف الراء،رابعة العدويه،جلد:1،صفحه:270۔

فرمايائون: وضو ڪرڻ سان. ان تي ڪافر طبيب چيو: اصل ۾ طبيب اوهان آهيو ۽ مان مريض آهيان، هاڻي منهنجو علاج فرمايو ۽ ڪلمو پڙهائي ڪري مسلمان ڪري ڇڏيو!

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت | رہوں بَاوُضو میں سدا یاالٰہی!
میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

## مال جي محبت کان آزاد

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه دنيا ۽ مال ۽ دولت جي محبت کان تمام پري ۽ عبادت ۽ رياضت جا نهايت شوقين هئا، هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ هڪ امير شخص حاضر ٿيو، ان سندن خدمت ۾ 500 دِرهم (يعني چاندي جا سِڪا) پيش ڪيا ۽ عرض ڪيو: حضور! هي حقير نذرانو قبول فرمايو. حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مُسڪرايا، پوءِ فرمايائون: اوهان وٽ هنن درهمن کان علاوه ٻيو به ڪجهه مال آهي؟ چوڻ لڳو: اوهان جي دعا سان ۽ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان گهڻو ڪجهه آهي. فرمايائون: ڇا اوهان جي خواهش آهي ته اوهان جي مال ۽ دولت ۾ وڌيڪ اضافو ٿي وڃي؟ عرض ڪيائين: حضور! هي خواهش ته مون کي هر وقت رهندي آهي ۽ مان ان خواهش جي تحت ڪاروبار ۾ وڏي محنت ۽ مشقت برداشت ڪندو آهيان، پاڻ فرمايائون: ته پوءِ هي درهم تون ئي رکي ڇڏ ڇوته مون کان وڌيڪ تون محتاج آهين. مون وٽ جيتوڻيڪ مال ۽ دولت نه آهي پر الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي خواهش به نه آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ قَناعَت جو درس آهي، الله پاڪ جيڪو عطا فرمايو، جيترو عطا فرمايو، ماڻهو ان تي خوش رهي، گهڻي

[1] تذکرۃ الاولیاء،نیمۂ دوم،ذکر جنید بغدادی،صفحہ:14۔

جي خواهش نہ ڪري، وڏيڪ جي لالچ ڪرڻ وارو چاهي جيترو بہ امير هجي، حَقيقت ۾ اهو غريب، فقير آهي، اصل امير اهو آهي جيڪو اللّٰه پاڪ جي عطا تي راضي رهندو آهي.

## غلامن جو غلام

ڪشفُ المحجوب شريف ۾ آهي: ڪنهن بادشاهہ هڪ درويش کي چيو: جيڪو گهرڻو اٿوَ گهرو! فرمايائون: مان پنهنجي غلامن جي غلام کان ڪجهہ نہ ٿو گُهران، بادشاهہ وڏو حيران ٿيو، چيائين: مان اوهان جي غلامن جو غلام ڪيئن؟ فرمايائون: لالچ ۽ خواهش منهنجا غلام آهن ۽ تون انهن جو غلام آهين، لهٰذا منهنجي غلامن جو غلام ٿئين.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪهڙا نرالا انداز آهن. معلوم ٿيو: لالچ ماڻهو کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيندي آهي، ان ڪري اسان کي ان غلامي کان هميشہ آزاد ٿي رهڻ گهرجي. اللّٰه پاڪ جيڪو ڏنو آهي، جيترو ڏنو آهي، ان تي خوش رهون، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! زندگي پُر سڪون ٿي ويندي.

## اللّٰه تنهنجو فقر وڌائي!

هڪ ڀيري هڪ تنگدست ۽ غريب ماڻهو حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: حضور! تمام غريب آهيان، بُکايل آهيان، منهنجي لاءِ دعا فرمايو! پاڻ فرمايائون: اللّٰه پاڪ تنهنجي بُک ۾ اضافو فرمائي! چوتہ هي اها نعمت آهي، اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها ان جي خواهش ڪندا آهن، جڏهن انهن کي

[1] ڪَشْفُ الْمَحْجُوب،صفحہ:41 بتغير قليل۔

ملندي آهي تہ شڪر ادا ڪندا آهن.[1]

| | |
|---|---|
| تاج و تخت و حکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مُژدہ | یا اللہ! مری جھولی بھر دے |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نمازِ تهجد خوب فائدو پهچايو

حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن وصال کان بعد خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيائين: اي ابو القاسم! (وفات کان بعد اوهان سان ڪهڙو معاملو ٿيو؟) ڪجهہ ارشاد فرمايو. فرمايائون: علمي بحثون ۽ علمي نڪات جون باريڪيون ڪم نہ آيون پر رات جي اڪيلائي ۾ ادا ڪئي ويندڙ نماز (تهجّد) خوب فائدو پهچايو.[2]

الله پاڪ اسان کي بہ تهجد جي توفيق نصيب فرمائي! رات جو جلد سمهڻ جي عادت بڻايون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تهجد ۾ اُٿڻ آسان ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ تهجد جي فضائل تي 2 مبارڪ حديثون ٻڌون ٿا:

## تهجد جي فضائل تي 2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

(1): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: رات جي قيام کي پنهنجي مٿان لازم ڪيو ڇوتہ هي اڳين نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي ۽ توهان جي ربّ جي طرف قُربت جو ذريعو ۽ گناهن کي مِٽائڻ وارو ۽ گناهہ کان روڪڻ وارو ۽ جسم کان بيمارين کي دور ڪندو آهي.[3] (2): حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قيامت جي ڏينهن ماڻهو هڪ ميدان ۾ جمع ڪيا ويندا، ان

---

[1] تذكرة الاولياء،نيمهٔ دوم،ذكر جنيد بغدادى،صفحه:16
[2] بيٹے كو نصيحت ،صفحه:10۔
[3] ترمذى،كتاب الدعوات،باب فى دعاء النبى،صفحه:811 ،حديث:3549۔

وقت مُنادي پڪاريندو، ڪٿي آهن اهي جن جا پاسا سمهڻ جي جڳهن کان جُدا هوندا هئا؟ اهي ماڻهو اٿي بيهندا ۽ ٿورا هوندا اهي جنّت ۾ بنا حساب داخل ٿيندا پوءِ ٻين ماڻهن جي لاءِ حساب جو حڪم ٿيندو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! نيڪ بڻجڻ، پنهنجي زندگيءَ کي بامقصد بڻائڻ، خوفِ خُدا جي نعمت ماڻڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصّو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع پڻ آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گناهن ڀري زندگيءَ ۾ مدني انقلاب

ڪراچي(پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، دنياوي لذّتن ۾ مصروف رهڻ منهنجي عادت هئي، بُرن دوستن جي صحبت مون کي اجان بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان ملي ڪري سڄي رات گناهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اثر هو جو مان به ان سان مسجد ڏي هليس، مغرب جي نماز پڙهي، نماز کان پوءِ هڪ اسلامي ڀاء فيضان سنّت مان درس ڏنو، درس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سنّتن

[1] شُعَبُ الايمان،جلد:3، صفحه:169، حديث:3244۔

پري اجتماع ۾ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، انهن جو انداز اهڙو تہ پيارو هو جو مان فوراً هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان ملي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنّتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهيس، پوءِ رقّت انگيز دعا ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۽ عاشقان رسول جي صحبت جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو مون دعا جي دوران روئي روئي ڪري پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ آينده زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيّت ڪئي، مون تي هڪ عجيب خمار هو اجتماع کان واپس ٿيڻ بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ ۾ مصروف ٿي ويس.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو!
اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دارُالافتا اهلِ سنّت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Darul Ifta Ahlesunnat* (دارُ الافتاء اهلِ سنّت).

هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي پڙهڻ جي لاءِ ملنديون: ڪيئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جون تحريري فتوائون ❁ عقائد جي مُتعلق احڪام ❁ قرآن ۽ حديث جي مُتعلق احڪام ❁ وضوء غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام ❁ نماز جي

مُتعلق مسائل ❁ ميت مُتعلق مسئلا ❁ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيانات ❁ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز ۽ ڪتابَ ❁ مُفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مُشتمل سلسلا ❁ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گھڻو ڪجھ. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو! پاڻ به فائدو ڪٽو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوتصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## پاڻي پيئڻ جون 13 سنّتون ۽ آداب

فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نه پيو، بلڪ ٻه يا ٽي ڀيرا (ساهه ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلحَمْدُ لله چوندا ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ڪا ٻي شيءِ ❁ پيئڻ کان پهرين بِسْمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر(***Liver***)

[1] تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ۞ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ۞ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو هجي ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، انهن ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو به پاڻي ويهي ڪري پيئڻ مکروه آهي، اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهي پيئو ۞ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره ته ناهي ۞ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چئو ۞ حُجَّةُ الاسلام حضرت امام محمد بن محمد غزالي عليهِ رَحمةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري، پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله ٻي کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ العَالَمِيْن ۽ ٽين کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. هي هڪ سُنو ڪم آهي، نه به پڙهيائين ته حرج ناهي ۽ شروع ۾ بِسمِ الله ۽ آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ سان به سنّت ادا ٿي ويندي ۞ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نه کپي۞ منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤْمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. ۞ پيئڻ جي ڪجهه گهڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندؤ ته ان جي پاسن مان ڪجهه قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي به پي ڇڏيو[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين

[1] 550 سنتيں اور آداب، صفحه:16۔

ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |
| ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جيِ هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴾2﴿ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِیۡمُ الۡکَرِیۡمُ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِیۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455